SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2018

SINDH ACT NO.III OF 2018

جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (ترميم) ايڪٽ، 2017

THE JACOBABAD INSTITUTE OF MEDICAL SCIENCES (AMENDMENT) ACT, 2017

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIX جي دفعه 8 جي ترميم

Amendment of Section 8 of Sindh Act No.XIX of 2013

3. 2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبر XIX جي دفعه 16(1) جي ترميم

Amendment of Section 16(1) of Sindh Act No.XIX of 2013

سنڌ ايڪٽ نمبر III مجريه 2018

SINDH ACT NO.III OF 2018

جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (ترميم) ايڪٽ، 2017

THE JACOBABAD INSTITUTE OF MEDICAL SCIENCES (AMENDMENT) ACT, 2017

[02 جنوري 2018]

ايڪٽ جنهن ذريعي جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز ايڪٽ، 2013 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو.

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي جيڪب آباد انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنسز (ترميم) ايڪٽ، 2017 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبرXIX جي دفعہ 8 جي ترميم
Amendment of Section 8 of Sindh Act No.XIX of 2013

2. جاڙايل ايڪٽ ۾، دفعہ 8 ۾، ذيلي دفعہ (1) جي لاءِ هيٺ جاڙايل متبادل هوندا:_

"(1) اداري جي عام هدايت ۽ انتظام ۽ ان جا معاملا بورڊ وٽ رهندا، جيڪو هيٺين تي مشتمل هوندو:

(i) صحت وارو وزير يا جيڪڏهن صحت وارو وزير ناهي تہ حڪومت طرفان نامزد ڪيل ڪابينا جو ميمبر	چيئرمين
(ii) علائقي جو صوبائي اسيمبلي ميمبر، جتي انسٽيٽيوٽ واقع هجي.	ميمبر
(iii) صحت وارو سيڪريٽري	ميمبر
(iv) ڊويزن جو ڪمشنر، سندس غير موجودگي ۾ ڊپٽي ڪمشنر جيڪب آباد	ميمبر
(v) هڪ پروفيشنل جنهن جو ميڊيڪل سائنسز جي ميدان ۾ جوڳو حصو هجي، جيڪو قومي ۽ بين الاقوامي سطح تي ڄاتل سڃاتل هجي (چيف سيڪريٽري پاران نامزد ڪيو ويندو)	ميمبر

(vi)پاڪستان ايئر فورس شهباز بيس جيڪب آباد جو آفيسر ڪمانڊنگ يا سندس نمائندو جيڪو گروپ ڪيپٽن جي عهدي کان گهٽ نہ هوندو. | ميمبر

(vii) جيڪب آباد جي پرپاسي وارن علائقن مان هڪ معزز شهري (چيف سيڪريٽري پاران نامزد ڪيل). | ميمبر

(viii) چيئرمين، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جيڪب آباد | ميمبر

(ix) يو ايس ايڊ جو هڪ نمائندو | ميمبر

(x) اڪيڊمڪ ڪائونسل جو هڪ نامزد ٿيل | ميمبر

(xi) انسٽيٽيوٽ جو ڊائريڪٽر | ميمبر/سيڪريٽري

2013 جي سنڌ ايڪٽ نمبرXIX جي دفعہ (1)16 جي ترميم
Amendment of Section 16(1) of Sindh Act No.XIX of 2013

3. انسٽيٽيوٽ جي لاءِ هڪ الڳ نان ليپسبل فنڊ هوندو، جنهن کي ”جيڪب آباد انسٽيٽوٽ آف ميڊيڪل سائنس فنڊ“ سڏيو ويندو.

نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.